**1Q.** هيٺين مان ڪنهن به هڪ وشيه تي اٽڪل 600 لفظن ۾ مضمون لکو.

100

(a) هندستان ۾ صحت برقرار رکڻ جو نظام.

(b) هندستان ۾ ماڊرن ايڪٽ 2020 جي ضرورت.

(c) نيشنل ايجوڪيشن پاليسي 2020 جي للڪار

(d) موجوده دور ۾ آرٽيفيشل انٽيليجنس جو استعمال

**2Q.** هيٺ ڏنل ٽڪرو ڌيان سان پڙهو ۽ پوءِ اُن جي هيٺان ڏنل سوالن جا جواب پنهنجي ٻولي ۾ صاف ۽ ٿورن لفظن ۾ لکو.

12×5=60

زندگي ۽ ماحوليات جو هڪ ٻئي سان ناتو آهي.

سڀني جيون جي زندگي اُنهن جي ماحوليات جي اُپج هوندي آهي. اسان جي تن-من جي رچنا طاقت سمرٿي ۽ خاصيتون اُن سموري ماحوليات سان ئي ڪنٽرول ٿينديون آهن، اُن سان ۽ وڌنديون آهن ۽ اُن جو وڪاس ٿيندو آهي. اِنڪري زندگي ۽ ماحوليت هڪ ٻئي سان ايترا جڙيل آهن جو ٻنهي جي گڏيل هستي تمام ضروري آهي.

ماحوليات اسان جو ڪمشاڪوچي آهي. جيڪو قدرت وٽان اسان کي وراثت ۾ مليو آهي. هي اسان سڀني جو پالڻهار ۽ جيوندڙ آهي. ماحوليات قدرت جي ڏين آهي. هي ڌرتي ٻهڪندڙ ٻيلن ندين نالن، ريگستانن ميدانن گھاٽ جي ٻهڪندڙ رنگبرنگي پکين، صاف جل سان ڀريل ڍنڍن ۽ تلاءُن سان ڀريل آهي. هن ڌرتي وهندڙ ندي سڳنڌ هوا ۽ هلندڙ امرتدار وسائيندڙ ڪڪر هي ڌرتيءَ تي وسيل انسان جي واس ۽ سکن جي لاءِ هڪ سنڌيت ماحولين جو نرماڻ ڪن ٿا. پر ماحوليت جو هي قدرتي سنتلن تيز رفتار سان بگڙندو ٿو وڃي. عجب لڳندو آهي ته انسان هن ڌرتيءَ تي انهن ساڌنن جو اندادند استعمال ٿو ڪري، هو قدرت جي وڏدانن کي اهڙيءَ طرح پنهنجي ضمير جي ابتڙ استعمال ٿو ڪري. انهي سڄو قدرتي چانچو بگڙي ويو آهي. ساڳي ڌرتيءَ تي آهو

ڏينهن پري نٿو لڳي جڏهن ڌرتيءَ تي لهرا ڏيندڙ سمنڊ ليون
پراڻو رنگ واپس موٽي يا ڏکڻ تي جميل برف جي موٽي
تهه جي پگهلڻ سان سمنڊ جون خوفناڪ لهرون، نگرن
مهنگائي - ميدانن ۽ جيو جنتن کي ڳڙڪائي ڇڏي.

اِها پڪ آهي ته ماحولين کي خراب ڪرڻ

واڌيون سموريون آپدائون انسان خود پيدا ڪيون آهن.

انسان خود قدرت جو سنتلن بگاڙي ڇڏيا آهيون. ان اسنتلن
سان ڌرتي، هوا، جل ۽ آوازي غلاظت پيدا ڪيون ٿا.
ماحولي غلاظت سان قدرت جون بيماريون، دل ۽ پيٽ
جون بيماريون پيدا ٿي رهيون آهن. انسان سڀ ڄاڻون ٿا ته

ڌرتيءَ تي زندگي قدرتي سنتلن سان ئي ٿي سگهي آهي.

ڌرتي ساوڪ سان ڍڪيل نه رهي انڪري گاهه کائڻ وارا
جانور وڌي ويا. گاهه کائڻ وارن جانورن جي تعداد

ٻي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ ھمنسڪ جانور به ھئا. انھن ٽنھين جو نسبت سنتُلت جي ڪنٽرول ۾ ھو. ساڳي زماني ۾ سائنسي ايجادن جي اُڌيوگن جي ڌنڌن جي واڌ جي ڦھلاءُ سان گڏ آدمشماريءَ جو به پيمانو وسعت ٿيو آھي.

(a) ’زندگيءَ ۽ ماحوليت جو ھڪ ٻئي سان ناتو آھي‘ ان ڳالھ کي سمجھايو. 12

(b) ماحوليت ۽ قدرت جو پاڻ ۾ ڪھڙو ناتو آھي؟ 12

(c) قدرت سنتُليت ماحوليت کي ڪيئن نالعبندي آھي؟ 12

(d) ماحوليت جي اسنتُلن سان انسان جي زندگيءَ ۾ ڪھڙا نقصان ٿي رھيا آھن؟ 12

(e) ماحوليت-غلاظت انسان جي زندگيءَ ۾ ڪھڙيون ڪھڙيون بيماريون پيدا ٿين ٿيون؟ 12

.3Q هيٺ ڏنل تحرير جو سارُ اُنهيءَ جي اٽڪل ٽئين ڀاڱي ٽي حصي ۾ لکو. انهيءَ تحرير جو سرو لکڻ جي ضرورت نه آهي.

60

ڀارت جي ايڪتا ۽ آزادي هڪ ئي تصوير جا ٻه پهلو آهن. اگر اسانجي ايڪتا هٿن مان نڪرندي آهي ته آزادي به دروازو کولي ٻاهر نڪري ويندي. ان لاءِ سڀني ڀارتواسين جو اهو فرض آهي ته ايمانداري ۽ سان قومي ايڪتا جي حفاظت ڪريون. ديش پنهنجي پاڻ ئي مشڪلاتن کان به وڏو ۽ وشال آهي. ايڪتا جي حفاظت لاءِ اسان کي ايمان سهڻو پوي ته اهو به سهجي. ايڪتا جي حفاظت لاءِ اسان کي انياءُ سهڻو پوي ته اُن کي به سهندا سين. اهو سڀ ان لاءِ سهڻو آهي ته ڀارت جي ايڪتا مضبوط ٿيندي ته اسانجو ايمان ڪوئي به نه کري سگهندو. تڏهن ديش جو هڪ حصو ڪنهن ٻئي حصي سان انياءُ ڪرڻ ڇڏي ڏيندو. اڄ اسانجي مالي حالت مضبوط آهي ته اسانجا جهيڙا به ختم ٿيندا.

جيڪڏهن آهي جهگڙا ڪندا به ته اُنهن ۾ ڪٽرپڻو نه ڪندا.
جيڪو خوشحالي انسان جي سوچ کي متاثر ڪندي آهي.

ايڪتا جي حفاظت سان گڏو گڏ اسانجو

ٻيو فرض آهي ته اسان ڀارت جي اُن روپ کي سنڀالڻ
جي ڪوشش ڪيون جنهنکي ساڪار ڪرڻ لاءِ آزاد ٿيو آهي.
ڀارت جي آزاديءَ کي پورا 73 سال ٿي چڪا آهن پر اسان
کي اڃا به نيون منزلون طئه ڪرڻيون آهن. آزادي
صرف روٽيءَ جو ئي سوال ناهي. آزادي صرف ڪاڌن کي
ناپڻ جي قابليت نه آهي. آزاديءَ جي اصلي معنيٰ آتما جي
اُها آزادي دماغ جي آهي معنيٰ آهي جنهن سبب ملڪ پنهنجي
شخصيت کي پوري طرح سان ظاهر ڪري. جيڪڏهن ڪوئي
انسان بکيو آهي ته اُن جي سامهون فيلاسوفيءَ جي ڳالهه
ڪرڻ اجايو آهي. ڀارت ڪو نئون ملڪ نه آهي. جنهن
ڀاشا ۾ اُن جي ثقافت جو وڪاس ٿيو آهي، اُها وقت جي
سڀني کان قديم ڀاشا آهي. جيئن گرنٿ ڀارت جي ثقافت
جو آدي گرنٿ سمجهيو ويندو آهي اهو سموري انسانيت
جو قديم گرنٿ آهي. انيڪ وديشي حملن کان پوءِ به

پارٽ بنسبي ٺاهڻ کان مڪمل موٽ لاءِ تيار
نه آهي. ننڍين اوديوگڪ ۽ سائنسي سپيا به انجي
برابري اوچ جو پريم ڪنهي نه سگهندي. سڀ صرف اهو نه
آهي جيڪو پوئين اڍائي سؤ سالن کان اسان جي سامهون
پڙهيو ويو آهي. پر ان گيان جو به گهڻو حصو سچ آهي
جيڪو پوئين چاليهه ورهين ۾ ٿيو آهي. پارٽ کي اهو
لکڻ سچ نه ڪيپي جيڪو دنيوي سکن لاءِ به لاڳو ۽ قديم
زماني جو به سچ ڪيپي. دنيوي سکن جي لاءِ آتما جي پتن
ڪرڻ کي پاپ سمجهندو آهي.

جڏهن کان سائنس جو وڪاس ٿيو آهي سنسار جي
گهڻي ديشن ۾ اولاڻي ددي ڌارائيو آهي ۽ زمان حال ڪئيو
آهي. صرف پارٽ ئي اهڙو ديش آهي جتي ماضي اڃ به
جنگ جاري رکيو آهي. اهو سنگرام پارٽ ۾ لمبي عرصي
کان هلي رکيو آهي. پر پارٽ جو ماضي نه اڃ غلط آهي نه
ڪمزور. پارٽ جو ماضي سدائين حال کي گڏ ڪٽي
مستقبل ڏانهن وڌي رکيو آهي. اڃ به هو پنهنجي
ڪالم نئين اگڙ آهي. ڪامرڪرشڻ ۽ وويڪانند ٺاڪ ۽

اڪونڌهي سڀئي معاشرا ماضيءَ جا پيروڪار هئا. هي حال کي سميٽي مستقبل طرف وڌڻ جي سگھيا ڏيندي ويا آهن. معاشرتا ڳانڍي سڀ کان پهريون ماضيءَ جو آواز هئو. آچاريه ونوبا ڀاوي به ماضيءَ جي نظر سان حال ۽ مستقبل کي ڏسي رهيو هئو. رونڌرناٿ ٽئگور به جديديت جو حامي هئڻ کان پوءِ پراچينتا جو سڀ کان وڏو پيروڪار هئو. اڄ به اسان ماضيءَ کي ڇڏيو نه آهي. ماضي اسان جي سڀ کان وڏي موڙي آهي.

(540 لفظ)

20    **4Q.** هيٺ ڏنل ٽڪري جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪريو.

هيءَ زندگيءَ جو سچ آهي ته هڪ وقت توهان ساوڌان ٿي نه هليا ته توهانجو پير گپ ۾ ڦاٿڏي ۾ وڃي سگھي ٿو. اهڙيءَ ريت سائنس جي وڌندڙ قدمن لاءِ به سچ لاڳو ٿئي ٿي. جيڪڏهن اسان اڄ جو پرلوڪ انسان جي ڀلائيءَ ۾ واڌاري لاءِ ڪرڻ نه ته سائنس اسان لاءِ

وڏدان نٿي سگهي ٿي. اُن جي فائدي کي ڪوبه انڪار نه ڪري سگهندو. پر انهو واهيو وناشڪاري عادتن لاءِ ٿئي ٿو ته انسان لاءِ سراپ ثابت ٿئي ٿو. هن وناشڪاري روپ سبب سائنس دوارا انسان کي جيڪي دنيوي سک سهوليتون مليون آهن اُهي انسان کي دماغي سک ۽ شانتي ميسر ڪرائڻ ۾ اسمرٿ ثابت ٿي رهيون آهن. دنيوي ترقيءَ لاءِ انساني جيون تمام مشغول ڌنڌڙي ۽ پونجيوادي ٿيندو ويو آهي. نتيجي طور سائنس ۽ انهي حاصلاتن انسان کي آتمڪ سک شانتيءَ کان محروم ڪري ڇڏيو آهي. انساني تمدن ۽ انساني ناتن ۾ گراوٽ آئي آهي. پر ان ۾ ڏوھ انسان جو پڻ آهي جنهن انهي غلط استعمال سان پاڻ کي گهري سنڪٽ ۾ وڌو آهي.

ڏٺا ڏٺا وناشڪاري اوزار انهيءَ نتيجو آهن. جيڪڏهن انسان پنهنجي شخصي سوارٿن کي ڇڏي سڀني جي ڀلائيءَ جي خيال کان سائنس جي وڌندڙ قدمن جو استعمال ڪري ته ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته اهي قدم انسان جي ترقيءَ لاءِ منگلڪاري ثابت ٿيندا.

**Q5.** هيٺ ڏنل نثر جو سنڌي ۾ ترجمو ڪريو. *20*

One of India's greatest musicians was M.S. Subbulakshmi, affectionately known to most people as 'MS'. Her singing brought joy to millions of people not only in all parts of our country, but in other countries around the world as well. In October 1966, MS was invited to sing in the great hall of the General Assembly of the United Nations in New York, while representatives of all the member countries listened. This was one of the greatest honours ever given to any musician. For several hours MS kept that international audience spellbound with the beauty of her voice and her style of singing; when the concert was over, the entire audience stood up and clapped as a sign of their appreciation of not only the singer but of the great music that she had carried with her from an ancient land. India could not have had a better ambassador. MS was the first musician ever to be awarded the 'Bharat Ratna', India's highest civilian honour. She was the first Indian musician to receive the Ramon Magsaysay Award in 1974 with the citation reading "exacting purists acknowledge Shrimati M.S. Subbulakshmi as the leading exponent of classical and semi-classical songs in the Carnatic tradition of South India".

**Q.6** (a) هيٺين ڏنل پهاڪن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻيو. *2×5=10*

(i) ڪڏهن پريءَ ۾ ڪڏهن پاڇر ۾ *2*

(ii) ڪٿي ڇوڏ سيا، ڪٿي ڊوڏ سيا. *2*

(iii) غريب جي جوءِ جڳ جي ڀاڄائي. *2*

(iv) ٻاڏائي ٻوتي ڪنهن نه ڏوتي. *2*

(v) جهڙا اعانگ تهڙا ٻپا. *2*

(b) هيٺين ڏنل محاورن جي معنيٰ لکي انهن جملن ۾ ڪتب آڻيو. *2×5=10*

(i) چوهه چنبڙڻ *2*

(ii) وٽُ گهوڙو نه ٻڌڻ *2*

(iii) هيرت ڪان هير گهرڻ *2*

(iv) ٻوٿو ٻاڌڻ *2*

(v) ٻاهم ٻاڌڻ *2*

(c) هيٺين ڏنل اکرن کي اسم تصغير ۾ بدلايو. 2×5=10

(i) ڪتاب 2

(ii) ديگ 2

(iii) پاڙُ 2

(iv) پُٽُ 2

(v) گلاس 2

(d) هيٺين لفظن جا ضد لکو. 2×5=10

(i) چانڊوڪي 2

(ii) حبسُ 2

(iii) دُعا 2

(iv) جديد 2

(v) الم 2